


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مسلم ڪتب خانه دادو جي طرفان نئون ڪتاب

# تنهنجا ڏاڍ

# منهنجي مات

مصنف: غلام الرسول سومرو سودائي دادو

دفعو پهريون — ڪاپيون هڪ هزار

قيمت: ٣-٠٠ روپيه

(ڇپائيندڙ جا حق ۽ واسطا قائم)

مسلم ڪتب خانه نيو چوڪ دادو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# انتساب

منهنجي ڪوتاهين کي هروقت فراخ دليءَ
سان نظرانداز ڪرڻ واري همدرد جي نالي
جنهن شــاه صاحب جن فرمايو آ، تــه ــ
"ڪڏهن ڪوسا، نــه ٿيا، ڏوراپو ڏيئي"

"سودائي"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# عـــزم

جيسين مظلوم جي سيني ۾ ظالم جي ظلم سهڻ جي قوت باقي رهندي، تيسين درد جي دونهين دکندي رهندي، زبان ڪلندي رهندي.

ديس جا دشمن ڪرڪندا رهندا، مگر منهنجي مٺڙن ماروئڙن جا منهن مرڪندا رهندا.

ڏک ڏولاوان ڏسبا پيا، ڪشالا ڪهبا پيا ۽ سور سهبا پيا، زخم چڪندا پيا، ڳوڙها ڳرندا پيا.

ڏکن جا ڏينهن ڳڻبا پيا، ٽڏڙا ساه ڪٽبا پيا، حال اوربو پيو، چپن کي چوربو پيو، سڀ سوربو پيو، سر گهوربو پيو.

نينهن جا نعرا لڳندا، نيٺ محبت جا مينهن وسندا.

"سودائي"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٻه اکر

مون پنهنجي هڪ ليک ۾ لکيو آهي ته جيڪڏهن اهو صحيح آهي تہ اديب، شاعر ۽ فنڪار انسان آهن ۽ هر انسان وانگر ماحول ۽ حالتن کان متاثر ٿين ٿا ۽ جيڪڏهن اها بہ هڪ حقيقت آهي تہ ادب يا، فن پيدا ڪرڻ بہ هڪ قسم جو، انساني ۽ سماجي عمل آهي ۽ انسانيت ان کان اثر وٺندي آهي تہ پوءِ ان چوڻ ۽ مڃڻ ۾ ڪابہ هٻڪ نہ آهي تہ ادب ۽ انسانيت جا مقصد هڪ آهن ۽ ساڳيا آهن جدا جدا يا ٻہ ٿي نٿا ٿي سگهن.

ساڳيءَ طرح انسان بہ خيالن ۽ جذبن جو مجموعو آهي، خيالن ۽ جذبن جو تعلق هن ڌرتيءَ سان آهي، ماحول سان آهي ۽ سماج سان آهي. ان حقيقت کي قبول ڪرڻ کانپوءِ ئي اسان چئي سگهنداسين تہ اديب ڇو ٿو لکي؟ ڇا ٿو لکي؟ ۽ ڪنهن جي لاءِ ٿو لکي???

اديب بہ سماجي ضرورتن ۽ مطالبن، ۽ آس پاس جي رنگ ۽ بوءِ کان متاثر ٿئي ٿو هو جنهن ڌرتيءَ تي جنم وٺي ٿو، جنهن تهذيب ۽ تمدن جي گود ۾ پلجي ٿو، جن ماڻهن سان گڏ، اٿي ويهي ٿو ۽ جن ريتن رسمن ۾ ٻڌجي ٿو اهي سڀ سندس خيالن ۾ ۽ جذبن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ايماندار اديب عوام جو ساٿ ڏنو آهي. ۽ لوح قلم جي پرورش پڻ ڪئي آهي. جيتوڻيڪ پوءِ ڪي دارو رسن پهچي ويا ۽ ڪن مٿان منطق ستم ڏيندي رهي. مگر پوءِ به اديب صداقت جو ساٿ ڏنو، عوام جو ساٿ ڏنو ۽ پورهيتن جو ساٿ ڏنو، ۽ سنڌس تخليقن انقلابن کي جنم ڏنو. اهڙي جدوجهد واري دؤر ۾ رزميه شاعريءَ جنم ورتو ۽ اهڙي پڪر پوساٽ، واري سماج ۾ طنزيه ۽ مزاحيه شاعريءَ پرورش پاتي.

صبوح کي صبوح چوڻو هو، رات کي رات چوڻو هئو مگر شينهن کي اهو ضرور چوڻو هئو ته سرڪار تنهنجي وات مان رت جي ڏپ ٿي اچي.

ان چوڻ لاءِ وڏي حوصلي، همت، ۽ استقامت جي ضرورت هئي ڪي چوڻ وارا پڌري پٽ چئي ويا ڪن لفظن جي ڦير گهير ڪئي ڪجهه مکڻ ملايو ڪجهه کنڊ ملائي منهن چڙهي حق جو آواز بلند ڪري ويا شينهن ڪجهه هضم ڪيو ۽ ڪجهه ڳوڙ ڪئي.

ٻئي طرف سماج جي ڪڌن ڪارنامن تي، اجاين ريتن رسمن تي سماجي برائين ۽ ٻنڌڻن تي ڀرپور وار ڪرڻا هئا، مزي مزي سان کلندي کلائيندي سماج جون اوڻايون پڌريون ڪرڻيون هيون، سماج کي ماڻهن لاءِ ڪارآمد ثابت ڪرڻو هو. ڪيس جاندار بنائڻو هئو ان ڏس ۾ مذاحيه شاعريءَ وڏو ڪم ڪيو آهي.

دادو سچ پچ ته وڏو خوش نصيب شهر آهي جنهن

# عرض حال

ڀائرِ!

قادر جا سون ڪمزور تي ڪروڙين قرب، لکين لطف ۽ عظيم احسان جو، اوهان ڀائرن سان وري هڪ دفعو "ٻه ڀاڻي" ڪرڻ جو سون مسڪين کي پنهنجي مهرباني ۽ سان موقع نصيب ڪيو اٿس، نه ته ڇا آهي؟ ۽ ڇا شاعري؟؟

بس ائين ڪٿي ڇنجي ته ڇا دال ڇا، "بسم الله"

شڪست خورده سياستدالن وانگر منهنجي اوچتي گم ٿيڻ سبب منهنجي ڪيترن مهربانن ته ائين سمجهيو هوندو ته "سودائي" شايد هن فاني دنيا مان "ٽپڙ ٻڌي" خير سان "ڏيپال" ٿي ويو هوندو يعني ته....

ويتر افسوس جي ڳالهه اها آهي تہ ڪنهن ميلي ملاکڙي ۾ به "ڏڪا، کائيندي" ملاقات نه ٿي سگهي.

ان لاءِ توهان پنهنجي ڀاڳ کي ڇئو، ان ۾ منهنجو ڏوهه ته ڪونهي باقي ايترو آهي برابر ميجان ٿو ته مونکي ڳوليندي ڳوليندي اوهان جا برابر "لاه" نڪري ويا هوندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ها! منهجنا سائين— عرض تہ آءٌ هن وقت پنجٽيهہ سالن جو ننڍو، نيٺو نابالغ آهيان.

سال ١٩٦٤ ۾ ڏاڙهيءَ سون تي ڪنهن ڪوڙي ڪليمنٽ وانگر ناجائز ذوني قبضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ڪافي ڇڪتاڻ بعد نيٺ ڪيس ڪاميابي نصيب ٿي ۽ مون کي شڪست نصيب ٿي.

ان ڪانپوءِ منهنجي طبيعت بگڙڻ سان گڏو گڏ تصوير ۾ بگڙڻ شروع ٿي وئي مطلب تہ پنهي جو انقلابي دؤر شروع ٿي ويو.

بهرحال ٿوري ئي عرصي ۾ آءٌ پنهنجي شهر وارن لاءِ ائين ڪٽي ڇڏجي تہ هڪ قسم جي "گجهارت" بڻجي ويس

وچم جڏهن "هٿرادو ملن" جي پاڻ تيار ڪيل "اسلام" کي اچي سيري جي لڳي ۽ ڪين چوڏاري "اسلام خطره ۾" نظر اچڻ لڳو تہ انهيءَ گوڙ گمسان جو ناجائز فائدو وٺندي منهنجي ڏاڙهيءَ بہ موقع کي هٿان نہ وڃڻ ڏنو ۽ باوجود "نو ايڊيميشن" جي وڌي وڌندي وڌندي تان جو.........!!

اڪ ڏهن پٺيم جڏهن ڏٺم تہ ڪم "فوت پٺي" ڪان مٿي چڙهي ويو آهي.

مطلب تہ منهنجا سائين کهڙي اوهان سان "روئي" ڳالهہ ڪريان اهڙي حالت ٿي وئي جو منهنجي منهن تي مڪ، يا مچر، کي جرئت ڪانہ ٿيندي هئي جو،

دل جهلي اچي ديرو ڄمائي نوبت ايستائين پهتي جو هرڪنهن اڻ واقف کي پري کان ”پيش امام“ نظر اچڻ لڳس

ڪنهن ويچاري شاعر جو شعر آهي ته:

”ٿي ڏاڙهيءَ رکائڻ جي تحريڪ چالو،
ڏين ”پوڪ“ پي ٿا، پلارن جو، دوکو“

بس مون مسڪين سان به اهڙو ناحق ٿي ويو.

ڪنهن ڪنهن وقت سائيڪل تي آءٌ اڪيلو هلندي به ائين محسوس ڪندو هئس جڻ ”پيلهه“ ڪنيو ٿو وڃان باقي سچ پڇيو ته لڳي بهاريون ويون، جيڏانهن وڃان اوڏانهن، صوفي صاحب، حاجي صاحب، حافظ صاحب، ميان صاحب، مولوي صاحب پئي پوي.

مطلب ته الائي ڇا ڇا صاحب جهڙا خوبصورت لقب مونکي سواءِ ڪنهن سند بنا ڪنهن ڊگريءَ ۽ سواءِ ڪنهن خرچ جي ”ليبل“ وانگر لڳي ويا.

بس آءٌ ته بنا پئسي پزرگ ۽ مفت ۾ مفتي صاحب بنجي ويس۽ڪفر جون فتوائون“ لڳائڻ لائق بنجي ويس.

يعني- منهنجي ڏاڙهي مون لاءِ جڻ ته ”نو بجيڪشن سرٽيفڪيٽ“ يا ائين کڻي چئجي تہ ايڊنٽٽي ڪارڊ“ بنجي وئي.

هاڻي وري ڪجهه حجمن جي شوق ۽ ڪجهه بنيادي جمهوريت جي اصول ”پنهنجي مدد پاڻ ڪرڻ“ موجب پنهنجي مڙسيءَ اها حالت بنائي آهي جڻ ڪنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪاسوري جي اوچتو تــار تي "بدلي" ٽيڻ ڪانپوءِ سنڌس سهڻي صورت ٿي پوندي آهي ۽ سنڌس نرڙ تي "نور" پيو پرندو آهــي جيڪو تياريءَ جي موڪل وقت غسل خاني جي پرسان ويهي ٽوال ڪلهي تي رکي پئي هٿ مٿي ڪي ڏئــي "اوڪڙو ويٺي" اهو سوچيندو ته "هاڻي ڇا ٿيندو"؟ ۽ سنڌس ڪان ڏاڙهي لاهڻ وسري ويندي آهي پاڻ به ايستائين پهچي ويا آهيون.

"يعني تــه نه ڏاڙهيءَ وارن ۾ نــه بنا ڏاڙهيءَ وارن ۾"

المقصد ته ڪجهه ڏاڙهيءَ ذور باقي بچيو آهي رهيو بــاقي پنهنجي منهن ڪي صفائي ڪري "پلنٽ ميدان" بنائڻ وارو نمونو ان لاءِ في الحال تــه اهڙو ڪو به پروگرام ڪونهي.

باقي آئنده اگر ڪا ارادي ۾ تبديلي آئي ته اوچتو ڪا "پريس ڪانفرنس" ڪوٺائي اخباري نمائندن اڳيان اهڙو "عظيم انڪشاف" ڪبو.

ادل! ايترو عرصو گوشه نيشني اختيار ڪرڻ جــا سبب ۽ ان سان گڏ حالات جــا چڪر اوهان آڏو عرض رکيم

تاهم به جيڪي "هيڊڙين" ڪان ڪم نڪتو اهو سڀ پيش پريان آهي اميد ته قبول پوندو.

منهنجي نظمن ۾ ڏاڍن جون ڏاڍايون ۽ سماج جــي ٺيڪدارن جــا سور سمايل آهن باقي جنهن ڪي شاعري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنجي اها ڪا بي شيء آهي.
صدقي وڃان شاعرن جي نالي تان آءٌ تہ سندن
"پيرن جي خاڪ" برابر بہ ناهيان
شاعري ڪا مذاق ڪانهي هي شاعري ڪانهي باقي
ايترو تہ توهان بہ ضرور قبول ڪندا تہ-
"شاعري ناهي باقي "طاهري تہ آهي"
اڄ ڪلهہ شاعري اهو سگهيو ستابو ماڻهو ڪري
جيڪو روزانو گهر ۾ نيرن تي "منڊيون ۽ پاوا"
کائيندو هجي باقي اسان پارا هفتي ۾ چار دفعا دال سان
سان "ڦونشي بازي" ڪرڻ وارا شاعري ڇا ڪندا؟
مطلب تہ جنين شوقينن جا پان بند ٿيا هئا ۽
"پالڪ" جي پوپان هٿ ڌوئي پيا هئا اسان بہ انهن
وانگر شاعريءَ جي پٺيان آهيون خدا خير ڪندو.

(گرقبول افتد زهي عزو شرف)

"سودائي"

# مون سان مون پرين

نهايت خلوص دل سان احسانمند آهيان پنهنجي دادو شهر جي فنڪار دوستن محترم عبدالفتاح صاحب هاليپوٽه ۽ محترم چندر "اداسي" صاحبن جو، جن مون مسڪين تي مهرباني ڪري هن ڪتاب لاءِ "ٽائيٽل ڪور" تيار ڪري ڏنو، سندس "ٽورا، ڪي ٽورا تہ ڳاهن" جو، لاهي سگهان باقي جيتر حياتي آهي تہ سندس گڻ، ڳائيندو رهندس ڏاڍيءَ در دست بدعا آهيان تہ شل زندگيءَ جي آخري گهڙين تائين مون گناهگار کي اهڙا توفيق عطا فرمائي "آمين"

محترم عبدالفتاح صاحب پراڻو مهربان آهي جنهن هن کان اڳ پڻ ڪافي قرب ڪيو آهي، منهنجي اڳين ڇپايل ڪتابن- "ڇهنڊڙيون" ۽ "ٽاڪوڙا" جو ٽائيٽل پڻ ڏاهي ڏنا هئا ۽ هاڻي بہ هن ڪتاب لاءِ ٽائيٽل ڏاهي ڏنو هئائين بهر حال منهنجي ڪوتاهيءَ سبب سندس ڏاهيل ٽائيٽل الائي ڪاٿي رهجي ويو جيڪو باوجود ذهني پريشانين جي ڪافي ڳولا بعد هٿ نہ اچي سگهيو ۽ اڄ تائين ياد نہ آهي تہ ڪٿي وسري ويو.

صرف انهيءَ شرمندگيءَ ڪان ڪين بيو دفعو تڪليف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چوندا آهن ته "ڳهڙي نڪرن جو، پاڻي سڪائيندي آهه" سو، ان ڳالهه وانگر محترم بيخود صاحب جي ڪل ڪل ني منهنجي هن ڪتاب کي پريس جا، وٽ ڏيکاريا، ورنه منهنجا جهڙا حال هن وقت آهن ته هن ڪتاب کي شايد منهنجو ڳهر، ئي نصيب ٿئي ها.

آخر ۾ آءٌ سڀني سڄڻن مهربانن جو شڪريه شاه عبداللطيف ڀٽائي رحمت الله عليه جي هڪ بيت جي هنن سٽن سان ڪيان ٿو ته:

"مون سان مون پرين
پورائي ۾ پال ڪيا

(شاه)

**"سودائي"**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# شڪايت زمانہ

تو ڏاڍ ڪيا، مون مات ڪئي،
مون سور سٺا، چڻ ڪاٺ پئي،
تو پوءِ بہ ميارون ڏين مونکي.
تو جوش ڪيو، مون هوش ڪيو،
چو تہ، وقت مونکي خاموش ڪيو،
تو پوءِ بہ ميارون ڏين مونکي.
مون پيار ڪيو، تو وار ڪيو،
مون توتي هو، اعتبار ڪيو،
تو پوءِ بہ ميارون ڏين مونکي.
مون دانهن ڪئي، ڪجهہ داد نہ ڏيو،
منهنجي دردن جو فرياد نہ ٿيو،
تو پوءِ بہ ميارون ڏين مونکي.
مون سينو ڏئي پئي سور سٺا،
ٿيا چئني پاسي درد، ڪٺا،
تو پوءِ بہ ميارون ڏين مونکي.
تو ويڻ ڏنا، مون جهول جهلي،
مون سڀڪجهہ سهندي دل نہ ٻلي،
تو پوءِ بہ ميارون ڏين مونکي،
سڀ سور رنا، اڄ ساز ٻڌي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گڏ پائُر ٿيا آواز پڌي،
هاڻي نہ ميارون ڏي سونکي.

تو ظلم سان ڪين گهٽايو هو،
سون نوڪر ٿي تہ نباهيو هو،
هاڻي نہ ميارون ڏي سونکي.

تون پٽڙ هئين، سان پاڻي هئس،
هي سڀ ڪجهہ جاڻي واڻي هئس،
هاڻي نہ ميارون ڏي سونکي.

اڄ تون بہ چڪو، آن، توڙ، ڪري،
اڄ سان نہ اٿيو هان، گوڙ ڪري،
هاڻي نہ ميارون ڏي سونکي.

آن تنهن جي نظر ۾ هيٺو هان،
پر يار پڌي چڱ پيٺو هان،
هاڻي نہ ميارون ڏي سونکي

سان تنهنجو ڏاڍ ڏڪائيندس،
۽ گردن نيٺ جهڪائيندس،
هاڻي نہ ميارون ڏي سونکي.

اڄ منهنجي ڇپن ڪي چرٽو آ،
حق روزيءَ تو ڪان گهرٽو آ،
هاڻي نہ ميارون ڏي سونکي.

ٿي تنهنجو دشمن "سودائي"،
اڄ تنهنجي شامت ٿي آئي،
هاڻي نہ ميارون ڏي سونکي

# ”ٻڪر ٽيندو“

ڏسي ڏاڙهي، ڇيو دلبر، وڃي ڇو ٽو، ٻڪر ٽيندو،
ڇيم هڪڙو ته مان ناهيان، گهڻن مان هي حشر ٽيندو.
دلا، ڀڪٽيون، ڪنا، پارا، وڃايان عشق ۾ ويٺو،
ٻن ٽن ڏينهن ۾ سمجهانئو ته گهر، گدوبندر ٽيندو.
ڇنڊڻ، ڦيٽڻ، وظيفن سان، گهٽايم ڪين ڪي ليڪن،
نه جنهن جو پير، گر، تنهن تي ڀلا کهڙو، اثر ٽيندو؟
سوا پئسي جي دنيا ۾، ملڻ ”ڪودو“ به مشڪل آ،
سچ ڏيءَ ۾ محبت جو ڀلا ڪئن سفر ٽيندو.
وڃهي هٿ ڀئي مان ”واڌڻ“ ۾ ڪيان ٽو پيو روئي،
نه ٽي چاتم ته ڪو حاصل صفا، نئو اڪر ٽيندو.
جڏهن ڪيسا، ٽين خالي، ٽئي ٽي ”باڪسنگ“ چالو.
لڳن، ”ٽونشا“ ڀڃن ناسون، ڀڻيءَ تي ”پلستر“ ٽيندو.
زماني ۾ ڏسان ٽو پيو، ڪٽيءَ ڪائو گهڻا مجنون،
خبر جوانن جي پوءِ پوندي، جڏهن ڏونگهوئي، ڏر ٽيندو.
جدا جاني جڏهن ٽيندو ته ”سرڳهي“ پاسڙو، وٺندي،
اڪيون پٽيون ته ”ناسن“ تي رکل ”نائون نمبر“ ٽيندو.
اجوڪي عشق جو انجام سمجهي وڃ تون ”سودائي“
شروع ڪرڙي ۽ چوڏاري پيو، ماڻهن جو وار ٽيندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ”تو ماري ڇڏيو“

چوين پيو تہ آهين تون جاهل جڏو،
ڪري ڪيسا خالي ڪيو، تو قڏو،
ڪٽائي تو، بستر، پٿايو، لڏو،
ڪنيو نيٺ پنهنجو مون تونري، تڏو،
سچو ٿي ٿهيل ڪم تو ڪاري ڇڏيو،
قسم آ، خدا جو، تو ماري ڇڏيو.

وڏي ڏاڙهي پنهنجي ڪٽائي ڇڏي،
اڇي ڏس تہ ڪئن ”لسٽ“ لائي ڇڏيم،
ٽڪڻ ڪي بہ گدو ڪرائي، ڇڏيم،
صفا تاڪ چاڙهي بنائي ڇڏيم،
سڄو روپ جڻ ڪنهن پهاري ڇڏيو،
قسم آ، خدا جو تو ماري ڇڏيو.

مون تنهنجي ڏنن تي ڪيو اعتبار،
جدائيءَ ۾ تنهنجي چڙهي ويو بخار،
ٿيو جاڻ منهنجو چرين ۾ شمار،
گدوءَ جي کهڻ جو ارادو آ يار،
اٿين هياڻو پنهنجو مون هاري ڇڏيو،
قسم آ، خدا جو، تو ماري ڇڏيو.

ٻلا ڏيان ڪهڙو مان هاڻي ڏريان،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڃي روز رنڌڻي ۾ سنڌڪا، پريان،
پري ڪان ڏو ڄڻ پيو ”ڀڪوڙا“ ترپان،
وڃڻ ڇوڻ مان ڪاڏي پلا ڇا ڪريان؟

ڏنڌو تو چڱو آ، سيکاي ڇڏيو،
قسم آ، خدا جو، تو ماري ڇڏيو.

ٻڌايانءِ تہ ڪئين ٽيم ٽاريان پيو،
ڪتا، زور ڀاڙي جا ماريان پيو،
ڪيان ٿو تہ ڄڻ ڀوڙ، ”هاريان“ پيو،
ڪٺل واڻئي جا، نهاريان پيو،

ائين وقت پنهنجو مون گهاري ڇڏيو،
قسم آ، خدا جو، تو، ماري ڇڏيو

ميجي نيٽ ”سودائي“ ڏو، پنهنجي هار،
مٿا سل اچي لهہ وري ڪا، سنيار،
اچي پينگ ڪر، آهي ويجهي پگهار،
لڳي قرض وارن جي ڦيٿي هٿي قطار،
ڏٺا ڏئي سئن ڪي مون ڏري ڇڏيو،
قسم آ، خدا جو تو، ماري ڇڏيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# "اشارن ۾"

اجوڪي عشق انڪل سان هلي پيو ٿو اشارن ۾،
سون جي ناهه حاجت هيءَ بيماري هزارن ۾.
مڪون، ٺونشا، ٻجا، گاريون اهيا آ، پيار جي نيرن،
منجهند جو، اوچتو، پادر، ڪري ڦهڪو ٿو "تارن" ۾.
اڙائڻ اک چڱي ناهي زماني ۾ حسينن سان،
وڙهڻ جي وقت هٿ جيڪي وجهن يڪدم ٿا، وارن ۾.
مزو آهي سوالين کي، اپالو جئن اڏامن ٿا،
چڙهن ٿا روز چنڊ تي سفر ڪن ٿا ستارن ۾
پڻاري پنگ ٿي "ڪمپلسري سبجيڪٽ" آ، تن جو،
"سوائي" سرس جي آئي ته پوءِ پرڙوٽ پارن ۾.
اگر، عاشق بنيو "وائو" ته پوءِ محبوب "هڙ ڪائو"،
ٻنهي جي پيار جون پڳڙيون ٽنگيل هونديون پوءِ، ٽارن ۾.
سچو عاشق سڏائين جي، سکي پؤ، سارنگيون طبلا،
مچائي ڇڏ صفا محشر تون پنهنجي پاڙي وارن ۾.
مڙي، وڃ يار، "سودائي" مبارون لوڪ نه ته ڏيندء،
اجايو ٿو ڪرين ظاهر، حقيقت کي هزارن ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# "ڪافي آ"

نگهن نٿي نگاهن ۾، ڪرڻ اظهار ڪافي آ،
زمانو تنگ نظر آهي اهو اقرار ڪافي آ.

نه آچر، تي نه سومر تي، ملڻ جو لئه مٺا سائين،
جمع جي رات جو، ئي بس اسان لئه وار ڪافي آ،

ميجون، ڏاڙهي ڪٽايان ٿو، ته تون ئي ٿو سڏين ڪافر،
ملان توکي منجهانئن لئه سندس ڪردار ڪافي آ.

وڏي ڏاڙهي رکائڻ پئي ته چڻ "ايڊنٽي ڪارڊ" آ،
اسان وٽ بس بنا ليسن اهو هٿيار ڪافي آ.

سچائيءَ ۾ ڏٺي ڏٺو عشق چڻ ميدان پلٽڻ جو،
اجوڪن عاشقن سان بس اهو آزار ڪافي آ.

ٻجن گاڏين سان ٺئي ٿي پيار جي "مضبوط پوزيشن"
اسانکي پوءِ به پڪ ٿيندي ته تنهنجو پيار ڪافي آ.

ڏٺي جو تجرب، ان جي لاهجي بازار ۾ ٿوهي،
حقيقت ۾ اهو اخلاق جو معيار ڪافي آ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جتي بابو رکيل هئي سو، مقام ئي ويو ڪليمن ۾.
ڪٿي مان چار گل چاڙهيان اهو ويچار ڪافي آ.

وڏو پٽڪو، ڊگها شهر، سڀئي مهمان ٺاٺي جا،
سندس خاطر تواضع لاءِ ٺاٺيدار ڪافي آ.

ڪڪڙ، ڇيلا پلي کائين صبح ۽ شام ڪامورا،
اسان يارن جي گهر ۾ دل جو ديدار ڪافي آ.

لڳائي پينگ جي، ڪونڊو ۽ ڀوڙي راڄ جو ميڙو،
سڄي ئي گوٺ لئه هڪڙو ئي بس ٻوتار ڪافي آ.

اهي ٺا چاولا سڄڻ جي لائن دوستي در در،
ڪري احساس ”سودائي“ اهو هڪ يار ڪافي آ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# "ڇا ڇئجي!"

سڄڻ اڄ ڪالهه جي سهڻن جي تہ ڏزائين ڇا ڇئجي،
نهاريندين تہ توکي جڻ تہ ٿا ڪائين، ڇا ڇئجي.
اڇي لنگهندا جڏهن پرسان تہ ڄڻ ڪوئيڪ پيو گهمدين،
بدن تي ايتري خشبوء ٿا، لائين ڇا ڇا ڇئجي.
گهڻا محبوب ڏسنديءَ ن ماڻهپي کان ڏي صفا نڪتل.
اهي پيءِ انڪل سان مال پيا ڪائين ڇا ڇئجي.
حسينن جي چڪر کان شل خدا تو کي بچائيندو،
طرح اهڙي ٿا، ابتي "ڪاڙي" لاهين ڇا ڇئجي.
پڏي ڇڏ حسين وارن وٽ سيڙي کي لفٽ ئي ڪانهي،
رڳو ٿا پئسي وارن ڏانهن واجهائين ڇا ڇئجي.
صبح کان شام تائين بس رڳو سينگار ۾ پورا،
سڄو ئي ڏينهن وبڻا "وارڙا" ٺاهين ڇا ڇئجي.
سندس ٿو مسڪرائڻ ئي وجهي ماري اسان پارا،
ڪهڻن کي رؤڊ تي هلندي ٿا، ڪيرائين ڇا ڇئجي.
اڇوڪو عشق "سودائي" لڳي ڄڻ پير، جي ڏنگهري،
ڏسي وائسي ٿا عاشق پيرڙو پائين ڇا ڇئجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# "جذبات معشوق"

اسان عاشقن کي ستائڻ به ڄاڻون،
رکي رعب تن کي، ڪنبائڻ به ڄاڻون،
اگهيان عاشق جي لنگهي پانهن لوڏي،
سندن حوصلن کي منجهائڻ به ڄاڻون
اڙائي انهن سان اکيون راهه وبندي،
صفا کين "چوٿيو" بنائڻ به ڄاڻون.
سڄو مال کائي، ڪڍي "لاهه" تن جا،
ڪري کين خالي، ڀڄائڻ به ڄاڻون،
اسانکي ڏسي ٿا، پرن ساهه ٽڏڙا،
اهان کين ڪرڙيون هٽائڻ به ڄاڻو.
ڪري جيڪو نين، نين، هٽي تن کي ٿونشا
پوزيشن کي پنهنجي بنائڻ به ڄاڻو
ڏسو ٿا، لڳا ٿا، وتن، ليلڙي جان،
اسان کين پيادل، ڀڄائڻ به ڄاڻو.
ڪندا پيا وتن، وات سان، عام جلسا
اسان کين گڏو گهمائڻ به ڄاڻو
نه "سودائي ڪنهن جي آ، پرواه ڇو جو،
صبح شام عاشق مڙائڻ به ڄاڻو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ”جذبات عاشق“

اسان ”لئہ“ اوهان جي ڳڻائڻ بہ ڇڏون
رڳو آسرن ۾ رلائڻ بہ ڇڏون.
اسان ئي اوهان کي، مٿي تي آ، چاڙهيو،
جي ڪارائي چاهون، ڪنگهائڻ بہ چاهون.
تنهن ڪارڻ ٿا، زماني ۾ سڏجون،
سکيل آهيون ٻالڻ، اڏامڻ بہ چاهون،
ڪيون ٿا اشارو تہ پڇندا اچو ڏا،
اسان چهنڊين تي ٽڪائڻ بہ چاهون.
اسانکي تہ ”پڪا“ ٻڌائي ڇڏيا ٿو،
مگر ڇا ڪجي؟ ڪس ڪاڻ بہ ڇڏون.
اسان کان سوا، پيو انگل ڪير سهندو؟
اسان اسڪوڙ تي گهمائڻ بہ چاهون.
اوهان کي قدر ڇا، اڙي واٽ ڳڙها؟
اسان سون، دل ۾ سمائڻ بہ چاهون.
توهانجا، ”ترڪ تال“ سمجهوڪي سمجهن،
حقيقت تہ ن پردو هٽائڻ بہ چاهون.
نصيحت اسانجي ٻڌين جي تون دل سان،
تہ ”سودائي سچ پچ ٻڌائڻ بہ چاهون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# "ڏو وڃان"

خوش هجين شل دلبر، اڄ موڪلائي ڏو وڃان،
مان، ابي، ڏاڏي سندي ملڪيت ٺائي ڏو وڃان.
ياد آ، تنهنجو سهانڊو، ننڊ ۾ پيو ڏو ڀڄان،
چار، پنج تعويذ تنهن جي لئہ لکائي ڏو وڃان.
مونسان اڄ رفتار ۾، سن ڪين پڄندي ريل ڪار،
ڏيڍ پاءُ اڄ تيل ڏنگن کي لڳائي ڏو وڃان.
پل ڪئي بابي اهڙ، جو آءٌ بہ انگريزي پڙهيس،
پاڙي وارن جي هٽان ڏنا، ڏنا، ڇوائي ڏو ڇه .
عشق ۾ مونکي پڄائي تو صفا، پڙي ڪيو،
ڪانچ جي عيوض مٺا، انگوڇو پائي ڏو وڃان.
آيسن ڏني آسرن ۾، تو صفا ڪنگل ڪيو،
ڪانم ڪا، بس واه ڏي، بدلي ڪرائي ڏو وڃان.
ڀاڙ، ڀيڙيءَ جي لڳي ڏي اڏڙ، ميڙيندو وتان.
مان تہ ”پرسنلٽي“ بہ اڄ پنهنجي وڃائي ڏو وڃان.
وات سان وندر جي لئہ مان ڪم سگهي آيس نئون.
ڇا ٻڌايانءِ وات سان ”ڏڪڙ“ وڃائي ڏو وڃان.
تو قدر ڪيو ڪين ورنہ علم منهنجي جو، ڪمال،
نظم ”سودائيءَ“ جا، سڀ اڙدوءَ ۾ ڳائي ڏو وڃان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# "بي سرو ڪامورو"

ڪر شڪر، جو، تون پڙهي پئين، ٿي وئين، عاليجناب،
نه ته ٿهي ها تنهنجي ٻت مان ڳڏهه لاسي، لاجواب.
ڪئين ڇوان ڏسجين پيو ٿو، هو، ٻهو، جنڊيءَ چڙهيل.
خوب آ، تنهنجي "فتنگ" تون جڻ ته سيانچي جو گهڙيل،
نڪ تنهنجو جڻ ڪريلو، چپ ڏاچيءَ جان، لڙيل،
شهر ساري ۾ ٻڌان ٿو تون صفا چنڊهيل چڙيل،
وال ڪنهن درزيءَ ڪان آٽي پيٽ تنهنجو ماپجي،
يا، ڪٺي، ڪو، ڪوئلو، تنهجو مهاندو، ڇاپجي.
ڪين تنهنجي "هنر" جو ملندو ڪٿي زنده مثال،
تو، ڪري ڪاريگري چالو ڪيو، آ، تر ڪتال،
زن مريدن ۾ به تنهنجو ٿيا چون آهي ڪمال،
زال جي آڏو ٻڌان ٿو ڪونه آ، تنهنجو ڪو، حال،
جا، ڪندي، آ، "ٺوڙه" تنهنجيءَ تي سدائين "جوڙڪٽ"،
تون وري ٿو شهر ۾ ڏين "شهپرن" کي روز، وٽ.
ٻوٽ کي ٻيڙو ڪري ۽ روڊ تي "ڇاڙي" هٽي،
تو، غريبن جا، ڇڏيا هن ٻنگ سان ڪندا، ڪٺي.
ڏاڍ مڙسيءَ سان ٻڌايو پاڻ کي تو، گهر ڏٺي
ڪانه توکي ڳالهه آهي ڪا، شرافت جي وٽي،
تي، مجي آفيس جو، هر، فرد سودائي ڪيو،
تو، رکيو بس وير، تنهن سان، جنهن به توکي سچ چيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# "خيالات راشدي"

پڙهي اخبار ۾ خبرون، ٻڌونٿا پيا خدا جاٺي،
الائي ڇا، حشر ٿيندو، جي رشوت بند، ٿي هاڻي؟
اسان جي در، تي ڦرجي ويا، گهڻا مسڪين ٻي خيالا،
اسان کان ٻي تڪا آهن، اسان وارا، پڻيوالا،
عرضدارن کي جيڪي ٿا، هڻن در، تي پري، ٻالا،
عقلمندن جي سياڻپ کي، لڳائي سڀ ڳجها، تالا،
هوشياريءَ سان اسانجي ٿا، رکن سڀ ڪجهه اڳيان آڻي!
الائي ڇا، حشر ٿيندو، جي رشوت بند ٿي هاڻي؟
اوهانکي ڇا، قدر هوندو. سڄو ئي ڏينهن لوڙيون ٿا،
ڏسي ڇرپيءَ ذرو زياده اتي ڪاتيءَ کي کوڙيون ٿا،
ڪرائي ذات جو، ڪوسي انهيءَ کان منهن نه موڙيون ٿا،
وٺي پئسه ٿهيل ڪم جو، صفا، پيڙوئي ڀوڙيون ٿا،
سڄي سروس گذارڻ سين زماني ۾، مزا، ماڻي،
الائي ڇا، حشر ٿيندو؛ جي رشوت بند ٿي هاڻي؟
اٺين جي ٿيو ته بس وياڻا؛ رڳو جهرڪيون جهٽيندا سين،
وراڻدي ۾ ڏئي هٿ "چيلهه" تي ايندا سين ۽ ويندا سين،
اڳيون ڳالهيون ڪري سڀ ياد؛ شوڪار، ڀريندا سين؛

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ـَـئي، ڳَڙن جي خاطر، وڃي ويلا، ڪٽينداسين،
ڪڏهن هڪ رات ڏاڏائي ڪڏهن هڪ رات، ناناڻي،
الائي ڇا، حشر ٿيندو، جي رشوت بند ٿي هاڻي؟

پلا، سڪڻين پگهارن تي، اسان کان ڪهڙو ڪم ٿيندو؟
اسانجي سيٺ، آڪڙ، جو: سڄو ڊرامو ختم ٿيندو!
وڏي جو، پيٽ ٿيو آ: سخت، سوڀي ڪجهه ”نرم“ ٿيندو،
سڄائي، گهر. ڪري ويندي. يا. سلهه ٿيندي يا. دم ٿيندو.
ڳجهي پيو، ڏو. وڃي وسندو. اڃهو. اڄ نيٺ صبحاڻي.
الائي ڇا، حشر، ٿيندو، جي رشوت بند ٿي هاڻي:

خدا، جو سڀ خزانو آ، دنيا وارن جو، ڇا ويو آ،
پڌائج تون ٿي ”سودائي“ اسان پر، ڏوه ڇا: ڪيو آ:
اسان جي پوئتان سارو زمانو، ڪاهي ڇو پيو. آ،
خبر ناهي اسان ان جو: الائي ڇا بگاڙيو آ:
جو. صبح ۽ شام بس ويٺو اسان جي ڳالهه کي ڏاڻي
الائي ڇا، حشر ٿيندو: جي رشوت بند ٿي هاڻي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# "سريلو ڪانورو"

غريبن کي پچائڻ لئه، سوين حيلا هلائي ٿو،
ڏسي مسڪين کي در، تي "مهانڊي" کي مٽائي ٿو،
ڀڃن ڏينهن جي لئه ايڏو، ڪري ٿو ناز ڪرسيءَ تي،
صبح کان شام تائين پيو يتيمن کي مٽائي ٿو،
اچي "چمچا" چون جنهن کي اسان جو، خان صاحب تون،
مٿون "ٺوڪي" ڪري آکڙ ۾ منهن "ڏيلو" بنائي ٿو،
اهي ٿي چاڳلا تنهن جا، سڏن "آنسيٽ" ٿا، ان کي،
انهن کي آ، خبر کهڙي ته هو، "ڏوڪڙ" ٻه کائي ٿو،
خدا جي طرف کان، خالي ڊگهو جنهن کي "رسو" آهي،
قبر ۽ قيام کي پنهنجي هٿن سان پيو، وڃائي ٿو،
"چماڙي" ٿو، هڏا مسڪين جا پيو "جانور" وانگر،
اهي ٿي ڪل چئو جو: اهان "ساٺهون" سڏائي ٿو،
غريبت ان جي در تي ٿي، سدائين ٺوڪرون کائي،
ڪڏهن "داقي" ٿو دفتر ۾ ڪڏهن ٻاهر ٻه وائي ٿو،
غضب آ جنهن چڙيو، "گندڙو" بنائي پيٽ پنهنجي کي،
ڏسي ان کي خوشيءَ ۾ خرب پيو، "چيٽيون" وڄائي ٿو،
اهڙا دشمن عناصر کي سڃاتو ڪين "سودائي"
جو ٿاهي شعر تنهن جي لئي رڳو ڪاڳر وڃائي ٿو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ”عيش ڪر“

موج سان تون ملڪ ساري جي ستيا ناس ڪر،
ڪر، شروع تون ”وٽ وڏان“ ۽ ڪين ڪنهن تي قياس ڪر.
پٽ ”مڇون“ مسڪين جون ”پٽڪو“ انهيءَ جو لاهه، تون،
”چيلهه ۾ رسو“ وجهي ڏاڙهي تي ڪنهن کي ”ڪاهه“ تون،
چار سؤ ويهن جو ڏوهي ڪيس يڪدم ڏاهه تون،
جي اچي ”سر تار“ ۾ پوءِ واردات ٿي ڏاهه تون،
حق غريبن جا کسي، ميڙي ڀلي وٽ مال کي،
گهر وڃي ”ڪٽ تي چڙهي احوال ڏي سڀ زال کي.
نرڙ ۾ ”گهنڊي“ وجهي هل ڪين ڪنهن ڏي ڌيان ڪر،
راهه ويندن کي ڏئي ”گاريون“ رڳو پيو زيان ڪر،
ڪير آ، توکي جهلي نيلام تون ايمان ڪر
دوستي ڀي سڀ ڇڏي سنگتي رڳو شيطان ڪر،
ڪم سٺو ڏاڍو ڪرين پيو منهن ۾ ان ڪان موڙجانءِ،
ان نموني سان پيو ”پيڙو سڄو ٿي پوڙ جانءِ“
هٿ اچائي پيو ”پخي“ تون نوڪريءَ جي وقت تي،
خوش ڀلي ٿي تون انهيءَ ”نرڙي طبيعت“ سخت تي،
ٿوم مان ڏين ”زعفران“ ڪر، ناز، پنهنجي بخت تي،
هرش ڪان نڪري صفا وڃ چڙهي تم آهين تخت تي،
بس طرح اهڙي سدائين خوب خدمتگار تون،
ڪين ”سودائيءَ“ جيان ٿيندين ڪڏهن ٻوءِ خوار، تون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# "سياسي بازيگر"

وري هاچل مچي وئي آ، سياست جي مدارين ۾،
هاڻ ڪان جي هئا عاجز، گهڻن اڄ ٿا، سي ڪارين ۾.
وڄائيندا وتن ٿا، "ڊيمڪيون" بازيگرن وانگر،
ڪڏهن آدم جي ٽنڊي ۾، ڪڏهن ڏسندين مٺيارين ۾،
انڊا اڄ "عينڪون" پائي، ڪرڻ حاصل وري ڪرسي،
اڳيان پوتار، اڄ ڏسجن پيا ڏاڍين بهارين ۾،
عجب آ، ڪين پيريءَ ۾ اسان تي قياس آيو آ،
سندن تقرير وه، واه چڻ تہ لاٻارو، آ سارين ۾.
ڪنولن جي مٿان ويهي، اڳي جن ٿي مکيون ماريون،
اهي پاپي پراڻا ڏس اليڪشن جي تيارين ۾،
سندن ڪان سوال جي پڇيو تہ ڪهڙا "ڦاڙها ماريندؤ"؟
تہ ڏاڍي جوش مان يڪدم، شروع ٿي ويندا "گارين" ۾.
جڏهن سينو ڪڍي ۽ سينٽجي، جي خان ٿي ويٺا،
ماڻ جو شرف بخشيندا وري "مرچن جي هارين" ۾
ڪيو "ٻيڙو آ، جن کي بک" اسانجا ٿا، ٿين ليڊر،
گڏه، جي ڪئي نہ جن سواري چڙهڻ سي ٿي، ٿا لارين ۾.
نہ ڏيندين ووٽ جي تن کي تہ، ڏسندين جيل جو رستو،
هٿن سان پوءِ ٻڌي ويندءِ ٻنن پورين پٺارين ۾
تہ پهتو سن بلوغت کي اڃان تون آهين "سودائي"
گهڻن تنهنجي پٺيان ٿي ٿا، ڪنهو خواريءَ کي ڪارين ۾،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# "غدار ليڊر"

ياد آهي تو، ڪيو هو، ملڪ جو، خانو خراب،
اڄ اچي تون قوم جا، غدار ليڊر ڏي جواب.

تون اُڃايل هرڻ وانگر، اڄ وري ٻڪ، ٻوڙ، ٻوڙ ۾،
"ملڪ" جهڙن غوطا، آ، کائيندي سدائين ٻوڙ ۾،
ڪانو وانگر سڻ، ملي توکي ٻه، لولو، گوڙ ۾،
ڏس مٿان ڏاسي وڃي ڪنهن اوچتي "پنجوڙ" ۾،
ڇو تہ آهي قوم جو، تو ڏي رهيل ڪافي حساب،
اڄ اچي تون قوم جا غدار ليڊر ڏي جواب.

او، "مداري" ڳالهه منهنجي سڻ سچي هيءَ غور سان،
ڀانگ کي ڪٽيندي ڪٽي، ڏيندو مقابل نور سان،
ڇا ڀلا! نيڪي ڪجي، تون ئي ٻڌائج ڀور، ساز،
ڪين پنهنجو واسطو، هاڻي ڪو، پوندو چور سان،
تو غريبن جي هو، سمجهي "ماس" کي قيمون ڪباب،
اڄ اچي تون قوم جا غدار ليڊر ڏي جواب.

تون هئين بس وقت جو، دجال پنهنجي دور ۾،
تو، ڪيو هو قوم کي، ڪنگال پنهنجي دور ۾،
تو، آڻيو مسڪين جو، هو، حال پنهنجي دور ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# "اسلام خطري ۾"

حقيقت ۾ تہ تنهنجو ئي آ، صبح شام، خطري ۾،
اجايو ٿو هٽي چڙي تہ آ، اسلام خطري ۾.
ڏکي ڏاڙهي رکائي ڪم ڪرين ٿو، "ڪانڪن" وارا،
سدا سٽڻي نڪر، خاطر، گهڻين ۾ پيو هٽين جهارا،
مثل ڪنهن يور، تي جئن سرڻ ڏيندي آهي لامارا،
سڃاتو ٿئي دنيا تون چاڻ ڏسندين ڏينهن جا، تارا،
خدا تنهنجو سدائين آ، ڪيو آرام خطري ۾،
اجايو ٿو هٽين چڙي، تہ، آ، اسلام خطري ۾.
ڏهين جي نوٽ تي ويٺو ڪرين فتوا، پيو جياري،
لکي تعويذ ڪوڙا پيو ڪرين ٿو ملڪ، آزاري،
غريبن کي ڦري پنهنجي ڪرين پيو ٿو دڪانداري،
ڏکيءَ جا ڏاهم ڏاهيندي ڪٿي آ، ٻاهہ تو، ٻاري
سنڌ آغاز خطري ۾ سنڌ انجام خطري ۾،
اجايو ٿو هٽي چاڙي تہ آ، اسلام خطري ۾،
ٻڌائي دهل جيڏو پيٽ تو، پنهنجو ڇڏيو جاني.
لنگهين ٿو پاسڙي ڪان جڻ ڳڏه ڪو آ، خراساني؛
صبح ۽ شام ڪائين تون ڪٿائين ڪان ڪسي ماني؛
رهين جنهن هنڌ تنهن پاڙي سڄي کي ٿي پريشاني،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏنڊو ڏوڙو ۽ ڌو جهڙو ڄي آ، بدنام خطره ۾،
اجايو ٿو هٽي چاڙي ته آ، اسلام خطره ۾.

رکي دنيا کي دوکي ۾، وڏو بزرگ سڏائين ٿو،
کٽي تسبيحم هٿن ۾ تون شريفن کي منجهائين ٿو،
ڏنا ڏيئي غريبن کي مفت ڄاڻا، مال کائين ٿو،
انهي ”ڀ“ کي ڀرڻ خاطر، سوين حيلا، هلائين ٿو.
اهو تنهنجو ئي هٿرادو آهي پيغام خطري ۾،
اجايو ٿو هٿين چاڙي ته آ، اسلام خطري ۾،

مسلمان ٿو سڏين کنهن کي ته کنهن کي چوين ڪافر،
بشر ۾ نور جو، توئي مچائي آ چڏيو محشر،
تون مسجد کي به سمجهيو ڄڻ ته پنهنجي پيءُ جو دفتر،
خدا جو خوف رک دل ۾، جنهن جو فيصلو اٽل،
مان سمجهانٿو ته تنهنجو ئي نشان و نام خطره ۾،
اجايو ٿو هٽين چاڙي ته آ، اسلام خطري ۾.

نصيحت نود کي اهڙي ڪرين ڇا، لاءِ ”سودائي“
مزو ڌاڙي مڪر ۾آ، پراوا مال ڏس کائي،
شرافت سان سچي ٿو، ڳالهه آهي ڪيس سمجهائي،
ڇڱائي آ، چون غلطي، ڇڱائي ڪنهن نه ڪم آئي،
اها ڪر خاطري بس پاڻ آ، بدنام خطره ۾،
اجايو ٿو ڪري دانهون اڙي اسلام خطره ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ”آخر هي سڀ ڇا آهي“

مونکي ڏس مسڪين جي در، تي ڪنهن ٿو، لوسي لاڙي،
هوش ڪان ڏس بيهوش نشي ۾ ”جو“ وجهي ٿو، جهاڙي،
نياڻي جو ان ڏسي هو، تنهن جي ڪنهن ٿو، ”دوڏا“ ڦاڙي،
غنڊه ڏس ڪنهن گهر، جا پاتي تيز نظر سان تاڙي،
ڪاٽو پلو، جنهن ڪنهن خالي گهر ۾ پوندو، آ، ڪاهي!
سمجهه ۾ مونکي ڪين اچي ٿو، آخر، هي سڀ ڇا هي؟

ظلم زور وٺي ويا، جن جون خوب هلن پاڙاريون،
تن جي در تي سڄو ئي ڏينهن ويٺيون هونديون ڪاريون،
ڪنهن کي ڏاڍا، ڏيندا ڪنهن کي ڌڪون، ٻيا، گاريون،
چيلا، تم جا، ڪاهي ايندا، روز رات جي، ڪنواريون،
ڪنهن کي طاقت ناهي جيڪو سينو تن سان ساهي!
سمجهه مونکي ڪين اچي ٿو، آخر هي سڀ ڇا هي؟

ساني ۽ لئه محتاج ”ملو“ ڏس روپ نوان ٿو، ڌاري،
ڪوڙا، ڦيٽا، ڇنڊا، ڦارون، ڏارا، ويٺو ڏاري،
ڪنهن جو ٻڍڙو پوڙي ويٺو ڪنهن جو پيڙو تاري،
پيٽ هو پنهنجو پرڻ جي خاطر، ملڪ سڄو ٿو ماري،
انڪل سنڪل سان ڏس ويٺو ڏاه ڏکيءَ جا، ڏاهي،
سمجهه ۾ مونکي ڪين اچي ٿو آخر هي سڀ ڇا هي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

موج ۾ آيو مست موالي، سلفي وِڌي ٻاري،
ڏنڊل، ”ڏنڊو، ڪونڊو“ وڌو صبح سانجهيءَ ماري،
روڊ هڪڙن سڀ ”گانجي“ جا، هيڻن وڌو سو، وڃاري،
ساقي خانه ۾ جو وڌو، گهڙيون عشق جون گهاري،
ڪير، مڪڻ کان زياده جيڪو ”چرس جي گولي“ چاهي!
سمجهه ۾ مونکي ڪين اچي ٿو، آخر هي سڀ ڇا هي؟

عاشق ڏس محبوب جي هر هر، وائون، ٿو واجهائي،
اونده ۾ ”اوپا سون“ ڏينهن وقت پيو ڏسو، وڃائي،
اڙدو ”ڦوڙو“ انگريزيءَ ۾ گانا وڌو ڳائي،
آهي ڪنهن کي جرئت جيڪو ڪيس ڪٿي سمجهائي،
ڏئي، لاسا تنهن کي جيڪو خيال انهيءَ تان لاهي!
سمجهه ۾ مونکي ڪين اچي ٿو آخر هي سڀ ڇا هي؟

راشيءَ جو تون رعب اچي ڏس سوچون وڌو ماٺيءَ
آڪڙ ۾ جي آيو، پوءِ هو ڪنهن کي ڪين سڃاڻي،
”ماس“ پٽي مسڪين جو، گهرن ۾ سمهندو، موڙن تاڻي،
ان کي وٺندو اهڙو جيڪو ”ذومڪڙ پشم“ آڻي؛
ڪنهن کي گاريون گند ڏئي ۽ ڪنهن جي ”ٽوپي“ لاهي!
سمجهه ۾ مون کي ڪين اچي ٿو آخر هي سڀ ڇاهي؟

مهٽو ڏس مينگار ڪري ۽ عاشق وڌو ڳولي،
ڪڙڪي سان ڪنگهڪار شروع ٿي راڄ ڇڏيائين رولي،
ٻاڇاه ڍڪي، ڪسان ڏس آهي راند ڪٽي جڻ گولي،

"وات پٽيا" سڀ "والو" ٿي ويا، ڏيهه وڏائين ڏولي،
"لوسن" جي ڏس لئه ٻيجي ٻئي "نڪ" انهن کي ناهي!
سمجهه ۾ مونکي ڪين اچي ٿو، آخر هي سڀ ڇا هي؟

قوم جو ذڪري ويو "ڏيوالو" موٽي آهي والي،
شوق منجهان شوقين شروع ڪئي ديس ۾ آهي دلالي،
حالت اهي ڪمزور وئي ٿي شايد تنهن جي مالي،
"سينو سيٺي" هلندو جنهن دم ساڻ هوندي ٿس سالي،
ڪئن وٺي ڪو، تنهن جو ناءُ ڏس ڏنو، ٿس ڏاهي!
سمجهه ۾ مونکي ڪين اچي ٿو، آخر هي سڀ ڇا هي؟

لاه ڪيئن لئه ليڊر، جي تون قوم ساڻ ڏس غمخواري،
ماه ڪري پيو "صدقي" تون اڄ وقت جو، ڏس واپاري،
پڪ انهيءَ کي آهي پنهنجي تنهن جي ڏس هشياري،
ڪئن اسان ۾ تنهنجي لئه ڏنو، ڪٿي مٿي تي خواري،
ڪهڙا ٻي هو، ويس، ڍڪي پر، ڇانڊ ساگيو آهي!
سمجهه ۾ مونکي ڪين اچي ٿو، آخر هي سڀ ڇا هي؟

دادا گيريءَ وارو ڏندڙو روز ڏسان، ڪن واپاري،
هرهڪ چيز ملي ٿي جن وٽ يار ملاوت واري،
موذي مرض شروع ٿيا ليڪن ۾ ڪنهن نه مصيبت ناري،
ڪيئن ڪري مسڪين پلا! جو، زور اگيان آه زاري،
ڪيندو ڪو، "سودائي" چوندس تنهنجو هڙي شاهي؟
سمجهه ۾ مونکي ڪين اچي ٿو، آخر هي سڀ ڇا هي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# "زمانه"

ٻي پڇ تي ڪڏهين نه، ذرو قياس ڪرڻ ٿو
ستياناس ڪرڻ ٿو،
اڄڪل مان غريبن جا، ڪليئه "لاهه" زمانه-
واهه، واهه زمانه.
هر روز ٺڳيءَ جا تہ نوان ڍاهه، ٿو ڍاهين-
وڏا رنگ رچائين،
اشرافت جي عزت تي ڪرين "ڪاهه" زمانه-
واهه، واهه، زمانه.
ڏاڙين ۽ ٻڪرين جي اچي رڙ هڻن ٿا-
توکي سي وڙن ٿا،
چڱن کان ڇڏين خوب ٿو "ساراهه" زمانه-
واهه، واهه، زمانه.
مظلوم تي توکي نہ ڪڏهن ڪهل ڪا، آئي-
وئين ساک کي لائي،
هر وقت ڏرائين ٿو، ٿڏ، "ساهه" زمانه-
واهه، واهه، زمانه.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏنيا جي نشي ۾ تون سدا، چور رهين ٿو-
مغرور رهين ٿو،
هي نيٺ ختم ٿيندا سڀئي "ڦاهه" زمانه-
وه، واه، زمانه،

اخلاق ادب کان تہ سدا دور رهين ٿو-
ان سان نہ ڦهين ٿو،
ٿو ڪين ڪرين ڪنهن جي بہ "پرواه" زمانه-
وه، واه، زمانه،

مستي ۾ اچي ڪين ٿو ڪنهن کي بہ سڃاڻين-
چڻ ڪين ٿو چاڻين،
اچ هوش ۾ ڀڄي ٿو وڃين "راه" زمانه-
وه، واه، زمانه،

دل ۾ تہ ڪنهن خوف خدا ڪين ٿو ڌارين-
بي موت ٿو مارين،
ٿا، تنهنجي پرن ظلم جا، "آڙاه" زمانه-
وه، واه، زمانه

هڪ ڏينهن تہ "شداد" جي جنت بہ ختم ٿي
محنت بہ ڀسم ٿي،
فرعون فنا، ڌس ڪيا، "الله" زمانه-
وه، واه، زمانه.

ڏيو وٺ تہ ”ڪميٽي جو قدر“ آهي برابر،
سچ آهي سراسر،
ڇورن سان سدا، تنهنجي رهي ”چاھ“ زمانہ،
واہ، واہ، زمانہ،
هڪ سچ آ، مگر، ان جا بہ پاڇا ٻہ ڏين ٿا،
هي سبق ڏبن ٿا،
ڏيا شاہ گدا ۽ ڏيا، گدا، ”شاھ“ زمانہ،
واہ، واہ، زمانہ،
اٿ ڪول اکيون ڏس تون هي، مسڪين جا ٻچڙا،
ڪمزور ۽ ڪچڙا،
هر روز، بکن ۾ ڏسا، ڏين ”پاھ“ زمانہ،
واہ واہ، زمانہ،
”سودائي“ صبر ڪر، ڇو تہ الله آ ٻاري،
جنهن طرف ڪان جاري
رحمت جا، وهن روز ڏسا، ”درياھ“ زمانہ،
واہ، واہ، زمانہ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# "انسان ٿا، سڏايو"

دختر حوا، جي، اڄ ڏس "ننڍي" ڊريس پاتي،
سوڙهو ڪري "سٿڻ" کي، ڪوا ڇڏيائين ڇاتي،
پوتي رکي "ڪلهي" تي، ڍيڙين ڏنڊ، پاتي،
پنهنجي "ڳلي" تي ڀاڻ ٿي ويٺا وڇايون ڪاتي،
ٻاهر ته سينو سيڻي، پيا "خان" ٿا سڏايون!
غيرت ڪٿي اسان جي انسان ٿا سڏايون؟

افسوس ڏس ته، نياڻين برقعو ڇڏيو، آ لاهي،
تن کي منع ڪيون ڪا، طاقت زبان کي ناهي،
شيطان اڄ اسان تي قبضو ڪري ويو آهي،
مذهب سان ڇڻ اسانجو ڪو، واسطو ئي ناهي،
اسلام جي شمع کي ڦوڪون ٿا، ڏئي وسايون!
غيرت ڪٿي اسان جي انسان ٿا، سڏايون؟

ايمان جي اسان ڏس، آ، ٿور، ڪهڙي توري،
ڏنڊو ته ڏس اسانجو ڏڙا، ڦريون ۽ چوري،
شام و صبوح اسانکي شوق آ، شراب، خوري،
دوکو، ٺڳي ۽ لالچ؛ ظلم و زنا ۽ زوري،
چانديءَ جي چند؛ "سڪن" تي نياڻيون به ڪپايون!
غيرت ڪٿي اسان جي انسان ٿا؛ سڏايون.

بهتر خدا، ٿو ڄاڻي، ڇا هي اسانجي حالت،
ايمان ويو ختم ٿي، پوري ٿي وئي شرافت،
مسڪين کي ستائڻ، آهي اسانجي عادت،
رشوت به ڪن ڪنهن سان ڪنهن ڪيو رعايت،
سودائي" نفس کي ڪئن ماري تون ڇو مڃايون!
غيرت ڪٿي اسان جي انسان ٿا، سڏايون؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# "ٻچڙيوال جي عيد"

ڏي وئي پوري ڪمائي آ، سڄي ٿي سال جي،
خوف آهي ڪيئن ٿيندي عيد، ٻچڙيوال جي.
هڪ طرف ڪان ٻارڙا ٻابا ڪري پيا لڙڪئندا،
ٻئي طرف ڪان اوچتو قرضي اچي پيا ڪڙڪندا،
ڏانو گهر جا سڀ مچائيءَ ۽ رڳو پيا ڪڙڪندا،
جيب ٻئي خالي ڏسي هٿ ٻيو ڀي پيا ڏڙڪندا،
ڌيئن سڀائي لاءِ ٻي فرمائش ڏي آ زال جي
خوف آهي ڪيئن ٿيندي عيد ٻچڙيوال جي.
خيال آهي عيد ڪو نئون بهانو ڳاهجي،
يا ته ويهي گهر ۾ن واري مشن کي ڪاهجي،
واند ڪائيءَ ۽ وري ڪو غسل خانو ڊاهجي،
راج ڳوليندا وتن ٻئي در ڪنهن کي لاهجي،
ڇا وڃي روئي ڪبي ڪنهن سان حقيقت حال جي،
خوف آهي ڪيئن ٿيندي عيد ٻچڙيوال جي.
ڪين سگهرن کي ٿئي ٿو ڏينهن ڪو سک جو نصيب
يا ته ڪو سؤدو ڪٽل يا روز ايندو پيو طبيب
يار ٻچڙيوال جو مطلب ته آ، قصو عجيب
تون به "سودائي" ٻڌي ڇڏ آهي سورن ۾ غريب،
ياد ڪر گذريل زمانو، سوچ ڪر ڪجهه حال جي،
خوف آهي ڪيئن ٿيندي عيد ٻچڙيوال جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# اڄوڪو عشق

ماڻي آ، راڄ تي ۽ ڪيسي ۾ ناهي. آنو،
عاشق مزاج ٿي پيو آهي سڄو زمانو.
آڏو ابي ڄاءِ، ڀادر، ڀويان ”ڀڻاڻ قرضي“
اڄ ڪالهه جي عاشق جو، اونڌو آ، ڪارخانو.
محبوب ڪا، ملڻ لاءِ؛ تاريخ ڏي نٿو ڏئي،
هر وقت نئون ”ڏنو“ آ؛ هر روز نئون بهانو.
گهر ۾ ڏا؛ ڏانور ڪڙڪن؛ ٻاهر لڳن ٿيون لاڦون؛
لوسي به ”لاءِ“ رکڻ لاءِ ڪنهنجو سهي نه طعنو،
رلي ۽ سميت عاشق، سهڻي پڻيان رکن پيا،
ڪنهنجو نه ٿئي ڪڏهن شل؛ اهڙو خراب خانو
صورت چڱي ڏسڻ سان، ”واڇون ٽڙي“ وڃن ٿيون؛
اڏ ميل ان جي ڀويان؛ ٿو، جوان ٿئي روانو.
عاشق جي ”اپليڪيشن“ هڪڙي نٿي صحي ٿئي،
محبوب جي ڪٻٽ جو، هرهڪ ڀريل خانو.
هي ٿا، ڀٽين هر دم. هو هيءَ رکن ٿا؛ دعويٰ.
خالي اسان جو، ناهي ويندو ڪڏهن نشانو.
”سودني“ خشڪ ياري، ڏاڍي آ؛ لست؛ واري؛
دنيا نه ڳالهه مان ٿي ٿاهي ڇڏي؛ فسانو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# "روح کي ريجهائي"

مال ٻئي جو مفت ۾ پيو کائجي،
نيڪ ڪم ۾ ڇو، ڀلا گهٻرائجي.

پيو ڀلي ڀاڙو سڄو هزار ڏئي،
ننڊ مان هر هر، ڏي پيو ڳائجي.

"ڪانچ" پائڻ آهي فرسوده لباس،
"سونهڙو سوڙهو" ڪٺي سيرانجي.

منهن ڏجي پيو وقت جي رفتار سان،
ٻوٽ جو ٻي هڪڙو "پادر" پائجي.

ننڊڙو، آئينو ڦٽي ويو ۽ ڀڄن،
ڏينهن سارو پاڻ کي پيو ڏهجي.

جي سچائي ۽ ٿين، "وايون ٻتال"،
مسجدن مان "ٻت" کي چورائجي.

ڏاند ڪاري جا، ڏٺي ڀچن اگر،
ڏي انهن آڏو "چريو" پيو وائجي.

راه ويندن سان اکيون انڪائجن،
ان نموني روح کي ريجهائجي.

يار "سودائي" اچو ڪي وقت ۾،
عشق جو ڳڏو مڙئي پيو ڪاهجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ”مهانگائي“

پيٽ سان ٻڌر ٻڌي، تو سان ڳنڍر پيا ڪائيبا،
او مهانگائي تنهنجا، احسان هر دم ڳائيبا.
ڪنڊ راشن تي اڳئين هئي، کنڊ به راشن تي ٿيو،
هاڻي بيهي روڊ تي ”خالي دبا“ ڪُوڪائيبا.

ٿئي ڀلي ڪپڙو مهانگو، پاڻ کي ناهي فڪر،
سوٽ سلوارون ڇڏي بس، ”ڀوتڙائي“ پائيبا.
ڇا ڪندي انڊر بيا، بي اي - پاس جي ڊگري ڀلا!
ڪم نه ڏهن ڏيندو جڏهن ڏِڪڙ ٻئي ڪارائيبا.

ڇانهه جو، شل ڪوپ تي رهئي ته پنهنجي جند، ڇٽي،
پوءِ سچو سِي ڏينهن گهر ۾، ٻارڙا رِڃائيبا.
جي اچي تاريخ ڀرڻ، در، جي ”ڇاڻٽ“ تي چڙهي،
ڪو وڏو، ”ڏيڍو“ ڪٽي قرضي سيٺي ڊوڙائيبا،

هاڻ ڪامورا ۽ پبلڪ، هن طرح وڙهندا ضرور،
بس، رکي ڪا شرط، جيئن آهي ڪُڪڙ، وِيڙهائيبا.
جي نه ٿي پورت اچان پئي، پوءِ ته آ، هِيءُ فيصلو،
ٻارڙا ڳاڏي ۾ چاڙهي، ”ساهرين“ پهچائيبا.

سمجهه ”سودائي“ ته آهي سچ چوڻ ڏاڍو خراب
هن زماني ۾ نه آهن شعر اهڙا ڏهبا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ”ساقي خاني ۾“

موالين سان ٿي وئي، ملاقات هڪڙي،
ڀلا ڪيئن وساريان، اها، رات هڪڙي.

ڪچهرين جا، ڪوڏيا، قربدار ڏاڍا،
ادب نياز، نوڙت حيادار ڏاڍا،
سچا واعدي جا، وفادار ڏاڍا،
سهن طعنا، مهڻا، بردبار ڏاڍا،
ختم ڳالهڙين ۾ ٿي پرڀات هڪڙي!
ڀلا ڪيئن وساريان اها، رات هڪڙي؟

چون پيا اسان لئه، چرس چڻ تہ چاندي،
صبح شام جنهن لئه رهي دل ٿي ماندي،
قصہ مختصر ڪا، گهڙي ناهي واندي،
اگر ڪنهن هتي ہوئي جنت جي آندي،
اسان کي ملي چڻ تہ سوغات هڪڙي!
ڀلا ڪيئن وساريان، اها، رات هڪڙي؟

ڏنڊو، ڪونڊڙو، سلفي صافي پراڻي،
هي سامان سانڍي رکون سڀ سڄاڻي،
اسان لاءِ ”سائي“ اٿئي راڄ راڻي،
سدائين اسانجي رهي اڪ ”نماڻي“،
زبان تي اسانجي وائي هڪڙي!
ڀلا ڪيئن وساريان اها، رات هڪڙي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مانَ جي اندر ۾ ٻــوڙي ڳوٺ وهوڻو،
ڇون پيا توهان ڪِرِن ٻارڙو ڪِي ٻوڙو،
اگر سڪ سچيءَ سان لڳايون جي سوڻ،
عليءَ آ، سخي، پوءِ جهوڙيءَ تي جهوڻو،
ٻوڙي ٻنگ جي شال برسات هڪڙي!
ٻلا ڪيئن وساريان اها، رات هڪڙي؟

مهيني ۾ ماسي ڳئي پيو جي وڪي،
وڃڻ جهڙي وڇهو وڃي سوبه ڪسڪي،
۾ روڊن تـــي هلندي وڃن پير ڳسڪي؛
ڏجون پيا متان ٻڌون سڪيءَ ته به ترڪي،
اسانجي ٻڏي ڪونه ڪِئي ٻات هڪڙي!
ٻلا ڪيئن وساريون اهاءَ رات هڪڙي؟

اسان ۾ نه ڏسندين ٻڌاڪي ٻــا ڏاڙي؛
انهون ڪونه بنگو يــا؛ محلات ماڙي،
هتي حــاضري پيا ڀرايون ڏهاڙي؛
دعا ڪر، اسانجي وڏي شال واڙي،
”سوڍي“ اهڙي اٿو تــات هڪڙي!
ٻلا ڪيئن وساريون اها رات هڪڙي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# "اوڦراڻ"

ڏسون ننڍ ۾ ٽا، رڳو اوڦراڻا،
سڀ ستپڙا ۾ صفا گهر ۾ گهاڻا ........ ڏسون ننڍ ۾ ٽا،

پلاءَ چاشنيءَ لئه گهڻو دل ٿي چاهي
ملي ڪا ٿي دعوت جي، لڏو ويهون لاهي،
ميري ۾ سڀن جي سڏ ٿي اچي ڀل تہ ڏهي،
ڪاڻ وقت وڃي ڪڍن ڪو ڪو نه ساهي،
ٻلي پيٽ ڦاٽي، ڀڄن ڀل تہ گهاڻا،
سڀ، ستپڙا ۾ صفا گهر ۾ گهاڻا ........ ڏسون ننڍ ۾ ٽا،

ڏيڏي اڪ ڪري ديڳ ڏي ٿا نهاريون،
انهي بس خوشيءَ ۾ مڪيون وڃا ماريون،
بنيادي جمهوريت جي اصولن تي قائم،
مدد پنهنجي ماڻيءَ تي ڪيون پان دائم،
ڏسي ڀرٽن ڪي، هٿنداسين جهانا،
سڀ، ستپڙا ۾ صفا گهر ۾ گهاڻا ........ ڏسون ننڍ ۾ ٽا،

ڏسي ڪيرٽيءَ ڪي ميڄن ڪي وٺيون ٿا
ڪوڏن ۾ لڪائي ٻليٽون ڇٽيون ٿا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مٿيءَ طاهريءَ لاءِ ڪري وات پاڻي،
ڏکيل ڏاڍ کان دل ڪٺي آهي هائي،
انهيءَ کان چڱا هن، بصر، بهه، پڻ ٿا،
سٺا سٿرا ۽ صفا گهڻ ۾ گهاٽا ....... ڏسون ننڊ ۾ ٿا.

ائين دل چوي ٿي مري ڪو موچارو،
"سوڌائي" دعا ڪر، وري شل ڪو وارو،
ويهون خير سان جڏهين پنهنجو پيٽ ڀاري،
"ڪانو ٽيون" ڏئي پوءِ ٻلي ڪو اڏاري،
ٻچڙن ٻلي پيا، ڏنيون ۽ چيلاٽا،
سٺا سٿرا ۽ صفا گهڻ ۾ گهاٽا ....... ڏسون، ننڊ ۾ ٿا.

# "هاري"

ڪليو آ، ڏسي تنهنجو ڪين ڏيندين در، بدر، هاري!
چڙهي دشمن جي سيني تي تون هاڻي مڱ ڏر، هاري؟

ٻڌايان ٿو صفا کولي حقيقت حال مان سارو
خدا تنهنجو ورايو آ، وري سالن کان پوءِ وارو،
ڪڏيو آ، خير سان تنهنجي وري قسمت سندو تارو،
هٽي ويو جو مٿان تنهنجي هئو چانيل ڪڪر، ڪارو؛
نه ڏيندا نيڻ تنهنجا هاڻ؛ پاڻيءَ سان. تر، هاري!
چڙهي دشمن جي سيني تي تون هاڻي مڱ ڏر، هاري؟

ٻچا تنهنجا اهي ڇوڙا؛ ڀري سي، پيٽ کائيندا؛
ننگا جيڪي رهيا سي شال ريشم کي هنڊائيندا؛
چنن؛ ڇپرن ۾ لوڙهن کي، سي ماڙين ۾ مٽائيندا،
وساري وقت گذريل کي خوشيءَ جا گيت ڳائيندا،
خدا جي رحمتن جا، خوب هاڻي جهول ڀر، هاري!
چڙهي دشمن جي سيني تي تون هاڻي مڱ ڏر، هاري؟

ڪري ٿو موت جو اڄ فرشتو "سرمائيدارن" تي،
ڪيو جن حق غضب تنهنجو وڏي تن "پيٽ" وارن تي،
نه آيو قياس جن کي هو يتيمن بي سهارن تي،
غدارن ديس وارن تي، عيارن تي مڪارن تي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪروڙن خالق اڪبر جا، شڪرانا، تون ڪر، هاري!
چڙهي دشمن جي سيني تي تون هاڻي مڱ ڏر، هاري؟

ڇڏيو تو ڪي ڇڏي دنيا، سڏي تو ڪي ٿي ”سودائي“
ڇڏي ڏي تون زماني کي، زمانو آ، تماشائي،
ڏکن جا ڏينهن گذري ويا، تون ڳڻتي ڪانه ڪر، ڪائي،
وري الله تعالى دانهن تنهنجي آهي، ورجائي،
نه ڏيندين ظلم سان هاڻي ڪڏهن زير و زبر، هاري!
چڙهي دشمن جي سيني تي تون هاڻي مڱ ڏر، هاري؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## "سنڌڙي"

تو ۾ وسي قلندر تو، آ چئون پنائي،
جيجل رهي آ، تنهنجي جهولي سدائين سائي.

موسل چوان پيا توکي سهڻي چئي پوکاريان،
سيهار وارو توسان، شال قرل پنهنجو پاريان،
سسئي سڌي سان توکي ڏونگر جا هيانو ڏاريان،
توسان ڏکن سکن ۾ گڏجي سدا، گذاريان.

سنهنجو آ، سر، سلامت گهٽي تون ڪرنم ڪائي،
جيجل رهي آ، تنهنجي جهولي سدائين سائي.

تنهنجي سٺي چوان مان "سون سان" توريان،
تنهنجي خوشيءَ جي خاطر، سر، ساه پنهنجو گهوريان،
تنهنجو ٻچو ٿي جيجل تو سان ٿو حال اوريان،
تنهنجي عزت جي خاطر، ويڙهو سڀي ڪي سوريان،

مون چاڻ تنهنجي، ٻولي "قومي زبان" ڪرائي،
جيجل رهي آ، تنهنجي جهولي سدائين سائي.

ڪو لڳن سان توکي ڪڏهن نه واءُ ڏيندس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪوسو لڳڻ سان توکي ڪڏهين نہ واءُ ڏيندس،
تنهنجو قسم تہ توتان، قربان نيٺ ٿيندس،
وعدو آ، توسان منهنجو ڪڏهين نہ منهن مٽيندس،
دشمن جي منهن تي ڏسجانءِ "دانگي" وڃي سليندس،

تنهنجو غدار جيڪو، تنهن کي ڇڏيان مان ڪائي،
جيجل رهي آ، تنهنجي جهولي سدائين سائي.

تنهنجي ڪکن، پٽن جو، مان پاسبان آهيان،
توڏي ڪٽي جي، آگر "پتلون" تنهن جي لاهيان،
تنهنجي مان دشمنن جا، محلات ماڙيون ڊاهيان،
ڏاندن جو، آٽي جوڙو، "هرڙو" اتي مان ڪاهيان،

جوئر، چڻا، مٽر ۽ ڀوڪيان وڃي مڪائي،
جيجل رهي آ، تنهنجي جهولي سدائين سائي.

شوڪت ۽ شان واري، تنهنجي مٽي آ، ٻولي،
ڪئن ٿو ڀلا وساريان جنهن ۾ ملي آ، لولي،
سينو وجي جهليندس جيڪر، شروع ٿي گولي،
غيرن جا "بم" بہ ڏسجا'ن منهنجي جهٽيندي جهولي،

پٽتي قدم نہ هندون جي سهل اهڙي آئي،
جيجل رهي آ، تنهنجي جهولي سدائين سائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"سودائي" سنڌ، سنڌي، هي نينهن جو آ، ناتو،
محبت جي "ميم" کي ڀي غيرن نہ آهي ڄاتو،
ڪٿي نہ ڪڻڪ کي آ، سالن تائين سڃاتو،
ٻـي سمجهه ٻـي خبر ڏي پاڻ ئي آ، پير پاتو.

ٻاٻي جو، ديس سمجهي جوانن آ، لہ مچائي،
جيجل رهي، آ، تنهنجي جهولي سدائين سائي.

---

نوٽ:- هي نظم جامع عربيہ هاءِ اسڪول، حيدرآباد ۾ منعقد ٿيل سنڌي زبان ڪنويشن ۾ پڙهيو ويو هئو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# "اختر ڀروچاڻي"

ڪٿي اڄ خير سان آئي، اسان جي سنڌ جي راڻي،
ڀلي چائي اسانجي ديس ۾، اختر ڀروچاڻي.

سڳوريءَ سنڌ جي لئه جيل ڪان جنهن ڪين گهٻرايو،
ڇپائين ڇوڙون لاهي، تنهن مون کي هٿڪڙيون پاتيون،
انهيءَ ذلت جي زردن کان ڇڳو آ، دال ڪارايو،
سنڌس ڏي سوڀ ۽ ڏس دشمن اڄ نيٺ هارايو،
اسان جي "ڪونجڙي" ڏس قيد ۾ ڏي ڪين ڪوماڻي،
ڀلي چائي اسانجي ديس ۾، اختر ڀروچاڻي.

لڳائي دشمن جي سخت سيني منجهه جنهن ڪاني،
سچائيءَ سان ڪيائين سنڌ تان سر، ساه قرباني،
فلڪ جي چنڊ تارن ۾ نه آهي ڪو سندس ثاني،
ڏسو، نياڻي جي همت جنهن قبولي "جيل" جي ماني،
اسان جي سنڌ جي زرقا، وڏي ٻنجي ٿي قيدباڻي،
ڀلي چائي اسان جي ديس ۾ اختر ڀروچاڻي.

ڪيو جنهن قول سنڌڙيءَ سان ته توکي مان ڇڏائيندس،
امڙ، جي ڏيج تون ڏسجانءِ آخر مان ملهائيندس،
اهي ظلمات جا پردا ٻه توتان مان هٽائيندس،
"جيئي سنڌ" جو، هٿي نعرو مان ڊونگر ٻي ڏڪائيندس،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مقابل سوٽ سان ڏسي وٺي، زرينه جي ڏسو نياڻي،
ڀلي ڄائي اسانجي ديس ۾ اختر ڀروچاڻي.

ڇيائين ڪين تون گهٻراءِ او، جيجل سڻائي آ،
خدا تعاليٰ اڳيان تنهنجي ٻچن جهولي وڇائي آ،
خوشيءَ سان هٿڪڙيون لوڏي هي ڏس اختر به آئي آ،
نه ڪر، غم تون ڪو، ”سودائي“ اسان دونهين دکائي آ،
مرحبا! او، اسان جي سنڌڙيءَ جي سورهي سياڻي،
ڀلي ڄائي اسان جي ديس ۾ اختر ڀروچاڻي.

# "ڪِڙيون"

قضا جي اڳيان سر، جهڪائن ٿيون اکڙيون،
خوشيءَ سان وڃي ڇوٽ ڪائن ٿيون اکڙيون.
رکي ڪهڙي قدرت، اکين ۾ ڪرامت،
پرائي کي پنهنجو بڻائن ٿيون اکڙيون.
پلي شوخ دل، شور، سان پيو نهاري،
مگر ڪيس ماري مڃائن ٿيون اکڙيون.
تون منهنجو مان تنهنجو اصل ڪان ٿي آهيان.
صفا صاف ڪولي ٻڌائن ٿيون اکڙيون.
نظر جي پوي ڪٿ ستان ناز پرور،
اکين ۾ اکين کي لڪائن ٿيون اکڙيون.
ڳجها ڪاٿ دل کي لڳن ٿا، اکين کان،
ڪٿان ڏس ته رستو بڻائن ٿيون اکڙيون.
نڪا ڪوڻ بجلي نه ڳجڪوڙ ڪڙڪو،
ائين مينهن گونگو، وسائن ٿيون اکڙيون.
اشارن ۾ ڪن ٿيون، سچ سان حقيقت،
حجابن جا، پردا، هٽائن ٿيون اکڙيون.
نه سوچين "سودائي" انجام الفت،
گدا شاه کي پي، بڻائن ٿيون اکڙيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# قرآن شريف جو

# مفت جلد

# ڏهرائڻ جو

# مرڪز

رشيد بڪ ڊيپو نيو چوڪ دادو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# اسانجا ڇپايل بهترين

۽

# ناياب ڪتاب

ڏاڪوڙا

چونڊڙي

جاگرافي تعلقو دادو

جاگرافي تعلقو سيوهڻ

جاگرافي تعلقو جوهي

۽ ان کان علاوه اسلامي، اصلاحي، اسڪولي ۽ ناول وغيره به دستياب آهن.

# مسلم ڪتابخانو نيو چوڪ دادو

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## * خوشخبري *

* اسانکي اهو ٻڌائيندي ڏاڍي مسرت ٿي *
* رهي آهي ته هاڻي اسان وٽ اسپورٽس جو *
* سامان ۽ هر قسم جا ڪتاب موجود آهن *

جهڙوڪ:

* درسي ڪتاب اسلاميات جا ڪتاب *
* اصلاحي، ناول قصا ڪهاڻيون *

۽

* ان کان سواءِ اسڪولي ڪتاب *
* جلد جي صورت ۾ به دستياب آهن. *

## مسلم ڪتب خانہ

نيو چوڪ دادو.

قيمت: 3-00

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book